بسم الله الرحمٰن الرحيم

وَرَهْبَانِيَّةً ابْتَدَعُوْهَا مَا كَتَبْنٰهَا عَلَيْهِمْ

۽ راهب ٿيڻ ته اها ڳالهه انهن دين ۾ پنهنجي طرف کان ڪڍيائون اسان ان تي مقرر نه ڪئي هئي (الحديد: ٢٧)

# نيون نيون ڳالهيون


پروفيسر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد

ايم اي، پي ايچ ڊي



بين الاقوامي سلسله اشاعت نمبر

٥

شرڪتِ اسلاميه

مسلم منزل، حميد پوره ڪالوني نمبر ١، ميرپورخاص (سنڌ)



بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمدهٗ ونصلي ونسلم علىٰ رسولہ الكريم

★

اهو جهانن جو پالڻهار جيڪو هر نئين شان سان جلوه گر آهي(1) مگر ڪير ڏسي. اسان کي نظر ڇا اچي ڇا ڏسون؟ ... اهو رحمتہ اللعالمين هر اچڻ واري گهڙي جنهن محبوب لاءِ بلندين جو پيغام آڻي رهي آهي(2) ... مگر ڪير ٻڌي اسان ڇا ڄاڻون اسان جي سمجهہ ۾ ڇا اچي؟ ... ان جي ڪرم سان هر طرف نيون نيون بهارون نظر اچي رهيون آهن ... نوان نوان انسان. نيون نيون جايون. نوان نوان ڳوٺ. نوان نوان شهر. نوان نوان ملڪ. نوان نوان اُفق. نوان نوان آسمان. نيون نيون زمينون. ... نوان نوان پکي. نوان نوان چوپايا. نوان نوان وڻ. نيون نيون ٽاريون. نوان نوان پن. نيون نيون مکڙيون. نوان نوان گل. نوان نوان ميوا — نوان نوان فڪر. نوان نوان نظريا. نوان نوان خيالات. نوان نوان جذبا. نوان نوان احساس — نيون نيون سڌون. نيون نيون تمنائون ۽ نيون نيون امنگون — آسمان کي ڏسو. زمين ڏسو. ٻاهر ڏسو — جيڏانهن نهاريو. نيون نيون بهاريون. نوان نوان نظارا. نوان نوان جلوا ... - پاڻي هلي رهيو آهي. سيلاب اٿلي رهيو آهي. طوفان اٿي رهيو آهي - - - روڪيو نہ روڪيو نہ مڃان نہ هر شيءِ کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏي — رستو ڏيو. رستو. ها الله تعاليٰ جي محبوبن جو رستو — جنهن اسان کي پيدا ڪيو. ان کي اسان سان پيار آهي — جيڪو ان کي ياد ڪري ٿو تہ هو بہ ان کي ياد ڪري ٿو(3) جيڪو ان جو حبيب صلي الله عليہ وسلم جي

3 اهڙين نين ڳالهين ۽ سٺين بدعتن تي جيڪڏهن پابندي سان عمل ڪيو وڃي ته الله تعاليٰ جي طرفان اجر ۽ ثواب ملندو آهي. معلوم ٿيو ته اهڙين سٺين بدعتن ۾ جيڪي دل جي خوشي سان دين ۾ ڪڍيون وڃن ٿيون. اهڙن ماڻهن سان تائيد الاهي به شامل حال رهندي آهي.

مثال جي طور تي هتي صرف ٽي حديثون پيش ڪيون وڃن ٿيون.

1. حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن بيت الله شريف ۾ هر طرف نماز پڙهندا هئا. حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه جن هي تجويز پيش ڪئي ته ڇو نه مقام ابراهيم کي مصلّو بڻايو وڃي. انهي نئين تجويز کي تائيد الاهي حاصل ٿي ۽ حڪم ڏنو ويو ته:-

"۽ ابراهيم جي بيهڻ واري جاء کي نماز جي جاء ٺاهيو(10)"

ان ڪانپوء حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن اتي ئي نماز پڙهندا هئا ۽ اڄ ڪلهه ڪعبت الله شريف جو امام به اتي ئي بيهندو آهي.

2. پنج وقتي نمازن تي جيڪڏهن غور ڪريو ته حديثن جي مطابق پهرين پهرين انهن نمازن کي الله تعاليٰ جي مقدس رسولن سڳورن پنهنجي پنهنجي خوشي سان الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ لاء ادا ڪيون هيون. پوء اهي نمازون فرض ڪيون ويون . فجر جي نماز سڀ کان پهرين حضرت آدم عليه السلام ادا فرمائي. ظهر جي نماز حضرت اسماعيل عليه السلام يا حضرت اسحاق عليه السلام ادا فرمائي. وچين جي نماز حضرت عزير عليه السلام ادا فرمائي. مغرب جي نماز حضرت دائود عليه السلام ادا فرمائي ۽ سومهڻي جي نماز حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جن ادا فرمائي(11) پوء اهي نمازون حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي سنت تي فرض قرار ڏنيون ويون.

معلوم ٿيو ته الله تعاليٰ جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ دل مان جيڪي ڳالهيون ڪڍيون وڃن ٿيون اهي جيتريون عظيم انسانن سان نسبت رکن ٿيون ايتريون ئي عظيم ٿينديون وڃن ٿيون.

3- ڪاتب وحي حضرت زيد بن ثابت رضي الله تعاليٰ عنه فرمائي ٿو ته مون کي حضرت ابوبڪر رضي الله عنه سڏيو. سندن سان گڏ حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه ويٺو هو. حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو ته حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه چوي ٿو ته جنگ يمامه شدت اختيار ڪري چڪي آهي. ڪئي قاري سڀورا شهيد نه ٿي وڃن. جيڪڏهن ائين ٿيو ته قرآن شريف جو هڪ حصو ضايع ٿي ويندو. انهي ڪري منهنجي راءِ هي آهي ته توهان قرآن کي جمع ڪريو. مون کيس جواب ڏنو ته:-

"آئون اهو ڪم ڪيئن ڪريان جيڪو نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن نه ڪيو هو(12)".

حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو ته:-

"خدا جو قسم اهو ڪم ڀلو آهي(13)".

حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه انهي ڳالهه تي زور ڏيندو رهيو. ايستائين جو انهي ڪم جي الله تعاليٰ منهنجي سيني کي کوليو ۽ حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه جي راءِ سان متفق ٿي ويس.

جڏهن اهو ڪم حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه حضرت زيد رضي الله جي حوالي ڪرڻ چاهيو ته ان سڀوري به اهو ئي جواب ڏنو ته:-

"توهان ڪيئن اهو ڪم ڪريو. جيڪو نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن نه ڪيو هو(14)".

ان تي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه چيو ته:

حضرت زيد بن ثابت رضي الله تعالىٰ عنہ پنهي سڳورن ڪي پنهنجي ڳالهہ تي متفق ٿيڻ لاءِ زور ڏيندو رهيو. ايستائين جو الله تعالىٰ ان سڳوري جي سيني کي بہ کوليو. جهڙي طرح حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنہ ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله تعالىٰ عنہ جا سينا کوليا هئا ۽ (آخرڪار) حضرت زيد بن ثابت رضي الله تعالىٰ عنہ انهي ڪم جي لاءِ همت سان چيلهہ ٻڌي تيار ٿيا(16).

انهي حديث مان معلوم ٿيو تہ ڪو بہ اهڙو ڪم جيڪو حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن نہ ڪيو ۽ نہ منع فرمائي، بلڪہ پنهنجي دل جي خوشي ۽ رضاء الاهي سان يا رفاه عام جي لاءِ ڪري سگهجي ٿو. اهڙي نيڪ ڪم ڪرڻ جي قرآن شريف بہ اجازت ڏني آهي. انهي ڪري حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنہ ۽ حضرت عمر رضي الله تعالىٰ عنہ جن انهي ڪم کي قسم ڪثي بهتر قرار ڏنائون. انشاءالله تعالىٰ اسين اڳتي هلي، انهي سلسلي ۾ ٻيون بہ حديثون پيش ڪنداسين.

★

قرآن شريف ۾ هڪ لفظ "تطوع" آيو آهي. جنهن جي معنىٰ آهي، "پنهنجي دل جي خوشي يا من جي چاهت (گهر) سان جيڪو سٺو ڪم ڪرڻ"- هيٺيون بہ آيتون ملاحظہ ڪجو جن ۾ اهڙن ڪمن جي قدر ۽ عزت جي ڀلائي جو ذڪر فرمايو آهي.

(1) جيڪو ب پنهجي خوشي سان ڪجهہ نيڪي ڪري تہ الله تعاليٰ قدردان ۽ سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي(17).

(2) پوءِ جيڪو خوشي سان نيڪي ڪري تہ ان جي لاءِ اها ڀلي آهي(18).

قرآن شريف ۾ نيڪي ۽ بدي جو اڪثر ذڪر آيو آهي ۽ انهي تي اجر ۽ ثواب جي خوشخبري ڏني آهي ۽ سزا ۽ عذاب جي ڌمڪي بہ ٻڌائي آهي. مطلق نيڪي ۽ بدي جي ذڪر سان بہ اندازو ٿئي ٿو تہ ايمان واري جي شعور، نيڪي ۽ بدي ۾ تميز ڪري سگهي ٿو. ۽ اهو پنهنجي خوشي ۽ مرضي سان ڪا بہ نيڪي اختيار ڪري سگهي ٿو حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن بہ دل جي خوشي جو خيال رکيو آهي. هڪڙي ڀيري پاڻ سڳورن وٽ هڪ اعرابي آيو ۽ نماز جي باري ۾ پڇا ڪيائين ۽ پاڻ فرمايائون تہ:-

"پنج وقت نماز پڙهہ مگر جيڪي پنهنجي دل جي خوشي سان پڙهين.(19)"

حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن دل جي خوشي سان عبادت ڪرڻ ۽ نيڪ ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي ۽ جن اصحابن سڳورن اهڙي طرح (يعني دل جي خوشي سان چڱو ڪم) ڪيو. انهن کي پاڻ سڳورن خوشخبريون ۽ اجر و ثواب جون بشارتون ڏنيون ڏسو:

(1) حضرت بلال حبشي رضي الله تعاليٰ عنہ. حضور اڪرم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي پڇڻ تي عرض ڪيو تہ مون ڪو بہ عمل اسلام ۾ جنهن ۾ نفعي جي اميد گهڻي هجي، هن ڪان وڌيڪ نہ ڪيو آهي تہ آئون جڏهن بہ مڪمل وضو ڪندو آهيان، ڪنهن بہ وقت رات يا ڏينهن ۾ تہ انهي وضو سان نماز پڙهندو آهيان. جيتري نماز الله تعاليٰ منهنجي

منهنجو حصو بہ رکو. ہي روايت ۾ آهي تہ ڪائو ۽ منهنجو حصو بہ رکو(26)

(8) هڪڙي اصحابي سڀوري هٿ ڪڙين ۾ بدل هڪ چري تي سوره فاتحہ پڙهي ڦيٿو وڌائين(27)

(9) هڪڙو اصحابي سڀورو سڄي رات قيام ڪندي ۽ سوره اخلاص پڙهندي صبح ڪندو هو(28)

(10) سنہ 9 هہ ۾ غزوه تبوڪ تان واپس موٽندي جتي جتي حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن ڪيما ڪوڙيا هئا. انهن جاين تي اصحابن سڀورن مسجدون ٺاهيون(29) جهڙي طرح اصحاب ڪهف جي غار تي مسجد ٺاهي ويئي هئي(30)

قرآن شريف کان علاوه حديث شريف ۾ بہ ڪافي اهڙا مثال ملن ٿا جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ دل جي خوشي ۽ رضا سان ڪا بہ نيڪي اختيار ڪرڻ کي الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول صلي الله عليہ وسلم منع نہ فرمايو بلڪ ترغيب ڏياري ۽ انهي فعل تي اجر و ثواب جو بشارت بہ ڏني آهي.

★

مٿي ذڪر ڪيل اهي ڳالهيون آهن. جيڪي سنّت ۾ داخل آهن، جو تہ هر اها شيء سنت آهي جنهن کي نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن خود ڪيو هجي يا اصحابن سڀورن اهو فعل ڪيو هجي ۽ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن ان فعل کي پسند فرمايو هجي يا خاموشي اختيار ڪئي هجي——. حديث جي اصطلاح ۾ سنّت جو اهو ئي مفهوم

(1) حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو ته بهترين سيرت حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي سيرت آهي بـرا (خراب) ڪم اهي آهن جيڪي نوان پيدا ٿيندڙ آهن. هر نئون ڪم بدعت آهي ۽ هر بدعت گمراهي آهي(52)

(2) بيشڪ سٺو ڪلام الله تعاليٰ جو ڪتاب (يعني قرآن شريف) آهي ۽ بهترين طريقو محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو طريقو آهي ۽ بڇڙا ڪم اهي آهن جيڪي نوان پيدا ٿيندڙ آهن ۽ هر نئين پيدا ٿيندڙ شيءِ گمراهي آهي(53)

(3) منهنجي ۽ منهنجي هدايت يا فته خلفاءِ راشدين جي سنت توهان تي لازم آهي انهي کي مضبوطي سان ڏندن سان مضبوط قابو ڪريو ۽ نين نين ڳالهين کان بچو ڇو ته جيڪا نئين ڳالهه هوندي اها بدعت هوندي ۽ هر بدعت گمراهي آهي(54)

(4) جنهن به اسان جي دين ۾ ڪا اهڙي نئين شئي ڪڍي جيڪا ان ۾ نه آهي ته اها مردود (رد ڪيل) آهي(55)

انهن حديث سڳورين جو غور سان مطالعو ڪيو وڃي ته اها ڳالهه معلوم ٿئي ته محض (صرف) نئين ايجاد ڪيل شيءِ تي ڪا به پابندي نه آهي ڇو ته هر نئين ڳالهه ۽ نئين ايجاد ڪيل شيءِ تي پابندي لڳائڻ انساني فطرت جي به خلاف آهي ۽ انهن حديثن جي به خلاف آهي جيڪي مٿي ذڪر ڪيو ويون آهن. اسلام فطري دين آهي(يعني سالم عقل رکندڙ انسان جي فطرت جي مطابق آهي) انهي ڪري هنن مٿين حديثن ۾ اهڙين نين ڳالهين ۽ نون ڪمن تي پابندي لڳائي آهي:-

(الف) جيڪي قرآن حڪيم جي خلاف هجن. (ب) نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جي سيرت جي خلاف هجن. (ج) جيڪي خلفاءِ راشدين جي سيرتن جي خلاف هجن. (د) جنهن جو اصل (بنياد) دين اسلام ۾ موجود نه هجي.

جيڪڏهن اسان هنن حديثن جي هڪ حصي کي ڇڏي صرف اهو ٻئي حصو اڳيان رکون جنهن ۾ نين نين ڳالهين جي روڪ ڪئي ويئي آهي ته يقينًا اهو ٿي مفهوم اڳيان اچي ٿو ته شارع عليه السلام هر نئين ڳالهه کي گمراهي سان تعبير فرمايو آهي مگر اهو ته ائين ٿيو جيئن ڪو قرآن شريف جي آيت جو صرف اهو حصو پڙهي ته "نماز کي ويجها نه وڃو"(56) ۽ ٻيو حصو آيت جو نه پڙهي جنهن ۾ حڪم ڪيو ويو آهي ته "جڏهن توهان نشي جي حالت ۾ هجو"(57)—— (اها آيت شراب جي حرام ٿيڻ کان اڳ ۾ نازل ٿي آهي) ۽ اهو چوي ته قرآن شريف ۾ ته نماز نه پڙهڻ جو حڪم آهي (الله جي پناهه)—— يا ڪو هن آيت مان جنهن ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام کي حڪم مليل آهي ته پکين جي گوشت جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري جبل تي اڇلاءِ(58)—— انهي مان مفهوم هي وٺي ته (ڪُلِ جَبَلِ) مان مراد دنيا جا سمورا جبل آهن—— اهڙو مفهوم وٺڻ يقينًا عقل جي سمجهه کان پري ٿيندو ۽ اهو مفهوم ڪنهن به قرآن شريف جي مفسر نه ورتو —— حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي به طرز عمل مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته انهن حديثن ۾ هر بدعت مان مراد بدعت ضلاله (يعني گمراهي ۾ نيندڙ بدعت آهي) جو ته بدعت حسنه (سٺي ڳالهه) يا سنت حسنه (سٺي طريقي) جي ته پاڻ سڳورن خود اجازت ڏني آهي ۽ انهي جي ڪندڙ کي اجر و ثواب جي بشارت به عطا فرمائي

الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ "اعطيت جوامع الكلم"(60) يعني مون کي جامع کلما ڏنا ويا آهن(يعني جملا مختصر ۽ انهن ۾ معنائون گهڻيون آهن) الله تعاليٰ فرمايو تہ "پاڻ سڳورا ڪتاب ۽ دانائي جي تعليم ڏين ٿا"(61) پوءِ جنهن جي ڪلام ۽ گفتگو ۾ حيرت انگيز اختصار جامعيت ۽ حڪمت هجي تہ انهي جي ڪلام جي اهڙي معنيٰ مراد وٺڻ جيڪا ڪنهن بي عقل جي لاءِ بہ عقل کان پري نظر اچي ٿي. (تہ پوءِ) انهي انسان ڪامل کي بلندي کان هيٺياهين جي طرف آڻڻ آهي جنهن کي الله تعاليٰ بلنديون عطا فرمايون آهن(62)--- هي ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي جو بغير ڪنهن سبب جي هر نئين ڳالهہ گمراهي ۽ بدعت ڇو هجي؟ ڪنهن بہ شيءِ جو نئون هجڻ ڪا برائي نہ آهي ۽ نہ پراڻو هجڻ ڪا ڀلائي آهي.... چڱائي ۽ برائي انهي نئين شيءِ جي چڱي ۽ بري هجڻ ۾ آهي.

★

ڪن حديثن ۾ اهو مسئلو وڌيڪ واضح ٿي اچي ٿو هڪ حديث شريف ۾ اچي ٿو تہ:-

"حلال اهو آهي جنهن کي الله تعاليٰ پنهنجي ڪتاب (قرآن شريف) ۾ حلال ڪيو—— حرام اهو آهي، جنهن کي الله تعاليٰ پنهنجي ڪتاب ۾ حرام ڪيو—— ۽ جنهن کان خاموشي اختيار ڪئي اهو جائز آهي"(63)

بي حديث ۾ اچي ٿو تہ:-

"بيشڪ الله تعاليٰ فرض فرض (مقرر) ڪيا آهن پوءِ انهن کي ضايع نہ ڪريو ۽ ڪجهہ شيون حرام ڪيون آهن انهن جي حرمت کي نہ ٽوڙيو ۽ ڪجهہ حدون

معاشرتي ۾ تعليمي بہ آهن——. انهن ۾ سنت حسنہ (سٺو طريقو) ۽ سنت سيئہ (خراب طريقو) بہ آهن——. انهي مان اندازو ٿئي ٿو تہ زمان جي حرڪت ڪندڙ قوت تي بہ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي نظر هئي ۽ ايندڙ تبديلين کي پنهنجي نظر مبارڪ سان پاڻ ڏسي رهيا هئا- —— ۽ هي بہ اندازو ٿئي ٿو تہ اهي بدعتون ٿيڻ واريون هيون. انهي ڪري اسان کي هدايو ويو تہ بدعت سٺي هجي تہ ان کي نہ ڇڏيو. يعني عمل ڪريو ۽ خراب هجي تہ ڇڏي ڏيو—— جيڪڏهن اسان معاشري تي نظر وجهون تہ محسوس ڪنداسون تہ اسان شعوري طور تي گهڻين کي بدعتن تي عمل ڪري ڇڏيو آهي ۽ حد ڪان لنگهي ڪيترين ئي خراب بدعتن تي عمل ڪري رهيا آهيون. پوءِ بہ هينئن چوندا ٿا رهون تہ هر "بدعت" گمراهي آهي. سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ اسان جو مطلب ڇا آهي ۽ ڇا چاهيون ٿا؟ ——.

هتي اسان پهرين انهن بدعتن جو ذڪر ڪنداسين جن کي اسان سٺو سمجهون ٿا ۽ اهي بدعتون اسان جي زندگي، اسان جي تعليم ۽ اسان جي معاشري جو لازمي حصو بنجي چڪيون آهن.اسان خوشي سان اهي اختيار ڪيون آهن. شايد اسان کي معلوم ناهي——. جيڪڏهن معلوم هجي ها تہ هر بدعت کي گمراهہ نہ چئون ها:-

1. قرآن ڪريم کي نسخ خط ۾ لکڻ، حرفن تي نقطا لڳائڻ، لفظن تي حرڪتون، (زير زبر پيش) لڳائڻ، قرآن شريف کي ٽيهن سپارن ۾ ۽ هر سپاري کي ربع نصف ۽ ثلث ۾ ورهائڻ- -. انهن مان ڪا بہ ڳالهہ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم ۽ اصحابن سڳورن جي زماني ۾ اچا نہ هئي.

2. مسجدن ۾ منارا ۽ گنبذ ٺاهڻ. فانوس لڳائڻ. رنگين فرش ٺاهڻ. قالينون لڳائڻ——— ايئرڪنڊيشنڊ لڳائڻ. اهي سڀ ڳالهيون بعد جون آهن.

3. لائوڊ اسپيڪر لڳائڻ. انهن ۾ بانگ ڏيڻ. نماز پڙهڻ، خطبو ڏيڻ، جمعي جي خطبي کان اڳ ڊگهيون تقريرون ڪرڻ——— وغيره وغيره.

4. دوربينن سان چنڊ ڏسڻ. تار موڪلڻ. ريڊيو ۽ ٽي وي تي اعلان ڪرڻ، روزي کولڻ لاءِ سائرن وڄائڻ يا نگارو وڄائڻ——— وغيره وغيره

5. تفسير، حديث ۽ فقه جا ڪتاب ترتيب سان جوڙڻ، نصاب ٺاهڻ، شاگردن کان تحريري امتحان وٺڻ. پاس ۽ ناپاس ڪرڻ. شيلڊ ۽ ڪپ ڏيڻ.

6. هوٽلن ۾ ديني مجلسون قائم ڪرڻ. حسن قرات جا مقابلا ڪرائڻ، انعام ڏيڻ———.

7. فوج کي ورديون پارائڻ. جهنڊي جي سلامي ڏيڻ، قومي ترانو ٻڌڻ ۽ انهي جي لاءِ سڌو ٿي بيهڻ. اهڙيون گهڻيون ئي بدعتون آهن. جيڪي اسان خوشي سان اختيار ڪيون آهن———. جيڪڏهن ڪو شخص انهن تي بدعت ۽ گمراهي جو حڪم لڳائي ختم ڪرڻ چاهي ته شايد ان کي چريو ۽ عقل کان عاري چوندا———.

پر ڪي نيون ڳالهيون ۽ بدعتون اهڙيون به آهن جن جي قرآن حديث ۾ صاف صاف ممانعت موجود آهي انهي هوندي به اهي اسان جي معاشري جو لازمي حصو بنجي ويون آهن مگر اسان خاموش آهيون (صرف خاموش به نه) بلڪ اهي بدعتون اسان پاڻ به ڪريون ٿا جڻ ڪ اهي سنت

آهن (الله جي پناهه) اسان کي مطلق احساس نہ آهي——. اسان هتي چند اهڙين بدعتن جو ذڪر ڪنداسون:

1. سڀ کان وڏي بدعت تہ اها آهي جو اسان انسانن تي الله ۽ ان جي رسول جي قانون جي بجاءِ انهن جي دشمنن جو قانون لاڳو ڪري رکيو آهي جڏهن تہ قرآن ۾ الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول صلي الله عليہ وسلم جي پيروي کي لازم قرار ڏنو ويو آهي(81)—— مگر ڪنهن کي بہ ان ۾ شرڪ ۽ بدعت نظر نہ ٿي اچي.

2. ملڪ جا اڳوان، مسلمان ڪافرن، مشرڪن، يهودين ۽ نصارن جا حليف ۽ ساٿي آهن جڏهن تہ قرآن شريف ۾ ظاهر ظهور ممانعت موجود آهي(82)—— پوءِ بہ انهي ۾ شرڪ ۽ بدعت نظر نہ ٿا اچن.

3. مٿي اگهاڙو رهڻ، ڏاڙهيون ڪوڙائڻ جڏهن تہ اسان کي خبر آهي تہ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن هميشہ ٽوپي پاتي ۽ دستار ٻڌائون ۽ ڏاڙهي رکڻ جي سخت تاڪيد فرمائي(83)—— خود حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي سونهاري مبارڪ ڀريل هئي(84)—— پاڻ سڳورن مُڇن هلڪين ڪرڻ ۽ ڏاڙهي وڌائڻ جو حڪم ڏنو(85)—— مگر اسان ظاهر ظهور خلاف ورزي ڪري رهيا آهيون ۽ احساس بہ نہ آهي تہ ڪهڙي بدترين بدعت تي عمل ڪري رهيا آهيون اسان کي انهن عملن ۾ شرڪ ۽ بدعت نظر نہ ٿا اچن——.

4. عورتون پاڻ کي ٺاهي سينگاري بازارين گهمڻ ڦرڻ وڃن ٿيون. جڏهن تہ قرآن شريف ۾ پاڻ کي سينگاري ٺاهي بازار ۾ وڃڻ جي ممانعت ڪئي وئي آهي(86)—— ۽ الله تعاليٰ فرمايو تہ: "جاهليت جي دور وانگر بغير پردي جي نہ ڦرو"(87)—— "چادر کي منهن تي وجهي

سموريون ڳالهيون حديثن ۾ موجود آهن(105)——— مگر اسان جو طرز عمل سراسر انهي جي خلاف آهي، پوءِ به ڪنهن کي انهن ڳالهين ۾ شرڪ ۽ بدعت نظر نه ٿا اچن.

9. شراب پيئڻ، گانا ڳائڻ جون محفلون قائم ڪرڻ، مردن ۽ عورتن جو پاڻ ۾ ملي جلي محفل ۾ شريڪ ٿيڻ، تاڙيون وڄائڻ، ٺهڪ ڏيڻ——— قرآن ۽ حديث ۾ انهن سمورين ڳالهين جي سختي سان منع ڪئي ويئي آهي، مگر اسان کي انهن ڳالهين ۾ ڪڏهن به شرڪ ۽ بدعت نظر نه ٿا اچن.

ڇاڇا عرض ڪريان؟——— اهي سموريون بدعتون اسان جي معاشري جو لازمي حصو بنجي چڪيون آهن، انهن بدعتن جي خلاف ڪو به آواز ٻڌڻ ۾ نه ٿو اچي، ڪا به تحريڪ نظر نه ٿي اچي——— اسان جي نڪته چين ۽ عيب ڳوليندڙ اڪ اهي سڀ بدعتون ڏسندي هلندي وڃي ٿي ڪٿي به نه ٿي بيهي——— بيهي ٿي ته ڪٿي ٿي بيهي!——— عقل حيران آهي يقين ڏندن آڱريون (پيئي نهاري) عشق ۽ محبت فريادي آهن———

1. نڪته چين اک کي حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن ولادت واري خوشي ملهائڻ شرڪ ۽ بدعت نظر اچي ٿي. الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ حضور جن جي ولادت ۽ وصال واري ڏينهن کي خاص طور تي ذڪر فرمايو آهي(106)——— سمورن ڏينهن ۾ هي ڏينهن نهايت ممتاز آهن. حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي ولادت مبارڪ سومر جي ڏينهن ٿي، پاڻ سڳورا سومر جي ڏينهن ولادت جي خوشي ۾ (الله تعاليٰ جي نعمت) جي شڪر ظاهر ڪرڻ لاءِ روزو رکندا هئا(107)——— الله تعاليٰ جي نيڪ ٻانهن به ولادت جي خوشي ۾ خوشيون ملهائڻ شروع

ڪيائون. مگر نڪتہ چين اک کي اهي سنيون نہ ٺيون لڳن، انهن ۾ شرڪ ۽ بدعت جي بوءِ اچي ٿي—— پنهنجن اڳواڻن ۽ وڏن جي جنم وارن ڏينهن کي ملهائڻ، پنهنجي شادي جي سالگره ملهائڻ، يهودين ۽ نصارن وانگر ميڻ بتيون ٻارڻ ۽ وسائڻ، ڪيڪ ڪاٽڻ ۾ ڪا بہ برائي محسوس نہ ٿي ٿئي. سمورو سٺو لڳو ٿو مگر هي سٺو نہ ٿو لڳي جو حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جو ذڪر مبارڪ هجي، سندن تعريف ۽ فضيلتون بيان ڪيون وڃن—— محبت وارا تہ جيڪڏهن خواب ۾ بہ حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن کي ڏسن تہ انهي ڏينهن ۾ بہ خوشي ملهائيندا آهن. حضرت مجدد الف ثاني رحمتہ الله عليہ سنہ 1030هہ ۽ سنہ 1033هہ جي وچ ۾ خواب ۾ حضور انور صلي الله عليہ وسلم جن جي زيارت ڪئي تہ گهر وارن کي عيد ملهائڻ ۽ قسم قسم جا طعام پچائڻ جو حڪم فرمايائون(108)—— مگر اسان جي نڪتہ چين اک کي اهي سموريون ڳالهيون بدعت ۽ شرڪ نظر اچن ٿيون.

2. عيب ڳوليندڙ اک کي نعت پڙهڻ ۽ نعت ٻڌڻ بہ شرڪ ۽ بدعت نظر اچي ٿي—— مگر حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن پاڻ شعرن جي تعريف فرمائي آهي(109)—— عمروبن شريد جي پيءُ کان اميہ بن ابي الصلت جا (ناهيل) هڪ سئو شعر ٻڌائون(110)—— ڪجهہ شعر پاڻ بہ پڙهيائون(111)—— حضرت حسّان بن ثابت رضي الله تعاليٰ عنہ جي لاءِ مسجد نبوي شريف ۾ پاڻ سونهارن خود منبر وڇايو ۽ حضرت حسان کي انهي تي ويهاري پاڻ سونهارن ان جي شعرن کي ٻڌو(112)—— پاڻ سڳورن جي چاچي حضرت عباس رضي الله عنہ پاڻ سڳورن جي اڳيان سڀ کان پهرين منظوم مولود نامون پڙهيو ۽ پاڻ

سڳورن خود ٻڌو(113)—— ڪعب بن مالڪ. عبدالله بن رواحہ ڪعب بن زهير رضي الله عنهم قصيدا پيش ڪيا ۽ پاڻ سڳورن خود اهي قصيدا ٻڌا—— اهي سموريون ڳالهيون حديثن ۾ موجود آهن. مگر خبر ناهي تہ نڪتہ چين اڪ نعت خواني کي شرڪ ۽ بدعت سمجهي ٿي——!

هڪڙي پروفيسر صاحب ٻارڙن کي مسجد مان انهي ڪري ڪڍيائين جو اهي نعت پڙهي رهيا هئا. ٻئي پروفيسر صاحب هڪ تبليغي مرڪز ۾ هڪڙي نعت خوان کان نعت ٻڌڻ ٿي چاهي، تہ نعت خوان کي ان کان روڪيو ويو—— اسان نچڻ، گانا ٻڌي ۽ ڏسو سگهون ٿا (مگر) نعت نہ ٿا ٻڌي سگهون—— هڪ سڳوري ٻڌايو تہ هڪڙو ماڻهو ٽي وي تي گانا ٻڌي رهيو هو. مگر جڏهن نعت جي واري آهي تہ ٻار کي چيائين تہ: "ٽي وي بند ڪريو، شرڪ ٿي رهيو آهي". انالله وانا اليہ راجعون——! هي ڇا ٿي رهيو آهي——؟ هي ڇو ٿي رهيو آهي——؟ عقل سوال ڪرڻ کان سواءِ نہ ٿو رهي سگهي.

3. نڪتہ چين اڪ کي بيهي صلوات وسلام پيش ڪرڻ ۾ بہ شرڪ ۽ بدعت نظر اچي ٿو. حلانڪہ اصحابن سڳورن ۽ اصحابياڻين ۽ ٻارڙن جو آخري عمل اهو ئي هو جو انهن حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جي جسم پاڪ جي اڳيان بيهي صلوات وسلام پيش ڪيائون(114) وڏن ملائڪن سڳورن بہ پنهنجي لشڪر سميت صلوات و سلام پيش ڪيو. قرآن شريف مان بہ معلوم ٿيو ٿو تہ ڪجهہ ملائڪ سڳورا بيهي صلوات وسلام پيش ڪري رهيا آهن(115) هي اهو عمل آهي، جو الله تعاليٰ ۽ رسول صلي الله عليہ وسلم جي تعظيم ۽ تڪريم (عزت ڪرڻ) ۽ خوشنودي جي واسطي اختيار ڪيو ويو آهي—— هندستان جو مشهور

★

اسان قرآن کي ڏسون ٿا. حديث کي ڏسون ٿا. اصحابن سڳورن ۽ امت جي نيڪ ٻانهن کي ڏسون ٿا پوءِ پنهنجي طرز عمل کي ڏسون ٿا تہ حيرت انگيز تضاد (فرق) نظر اچي ٿو—— اسان انهن شين کي پسند نہ ٿا ڪريون ۽ شرڪ بدعت سان پيٽيون ٿا جن (جي ڪرڻ سان) دين ۾ ڪو بہ نقصان نہ آهي ۽ ملت (دين ۽ مذهب) کي بہ ڪو بہ نقصان نہ آهي بلڪ فائدو ئي فائدو آهي—— ٻئي طرف اسان انهن شين کي پسند ڪريون ٿا جيڪي قرآن، حديث جي خلاف آهن—— اسان خبر ناهي جو هزارن بدعتن مان چند بدعتون چونڊي ورتيون آهن ۽ انهن کي نشانو بڻائي ويٺا آهيون. ڪنهن جي ڳالهہ بہ نہ ٿا ٻڌو. هر دل کي انهن سنتن ۽ بدعتن کان ڦيرڻ ۾ لڳا ويٺا آهيون (ائين تہ نہ آهي؟) ڪٿي اسين عالمي سازش جو شڪار نہ ٿي رهيا آهيون——؟ گذريل ٻن اڍائين صدين کان مذهب اسلام جي اهڙي نظر بندي ڪئي پئي وڃي جو اهي بدعتون جيڪي ظاهري گمراهي آهن (اهي) ڏينهن جي روشني ۾ بہ نظر نہ ٿيون اچن—— جنهن اک سان اهي نظر نٿيون اچن. انهي اک سان رات جي اونداهي ۾ اهي ڳالهيون شرڪ ۽ بدعت نظر اچن ٿيون جن جي قرآن ۽ حديث ۾ اجازت آهي—— اسان جو طرزِ عمل بہ عجيب نموني جو ٿي ويو آهي هڪ طرف حرام کان بہ پرهيز نہ ٿا ڪريون ۽ ٻئي طرف وري جائز ۽ سٺي ڪم کي شرڪ ۽ بدعت قرار ڏيون ٿا—— اسان ذهني وسواس ۾ مبتلا آهيون جنهن سان اسلام جي دشمن کي فائدو پهچي رهيو آهي—— پنهنجا پري ٿي رهيا آهن. دشمن ويجها ٿي رهيا آهن—— پريشان حال

سگهي ـــــــ هينئر به جتي جتي جهاد تي رهيو آهي (اتي) اڳين صفن اهي ئي نظر ايندا. ڪنهن به مشرڪ ۽ بدعتي ۾ جان جي نذراني ڏيڻ جو جذبو پيدا نه ٿو ٿي سگهي.

3. جن کي اسان مشرڪ ۽ بدعتي چوندا آهيون انهن ڪڏهن به يهودين، نصارن، مشرڪن ۽ ڪافرن سان اتحاد نه ڪيو ايستائين جو انهن کان (ڪڏهن) مدد به نه گهريائون. حالانڪ مشرڪ سان اتحاد ڪرڻ گهرجي ۽ انهن کان مدد گهرڻ کپي ـــــــ هيءَ حيرت انگيز حقيقت قابلِ توجه آهي.

★

اڳين بزرگن ۽ امت جي اڪابرن جي چئوطرف جهان جي مسلمانن جي اڪثريت جمع هئي (۽ هينئر به) جمع آهي ـــــــ اسان کي حديث پاڪ ۾ انهي اڪثريت سان گڏ رهڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ـــــــ فاتحه سورت ۾ امت جي اڪابرن، عالمن ۽ بزرگن جي قدمن جي نشاني کي نيڪي ۽ هدايت جو معيار بنايو ويو آهي ـــــــ انهن جي نقش قدم جو آرزو مند بنايو ويو آهي ـــــــ انهن جي نقش قدم تي هلڻ وارا گمراه نه ٿا ٿي سگهن ـــــــ حضور انور صلي الله عليه وسلم جن بار بار انهي جماعت جي پيروي جو حڪم ڏنو ويو آهي(122)

جيڪو الله تعاليٰ جل جلاله ۽ رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم ۽ وڏي جماعت کان جدا پنهنجي واٽ ناهي انهي جي لاءِ قرآن شريف ۾ ارشاد آهي:-

# حوالا ۽ واڌارا

1. سوره رحمٰن 29

2. سوره ضحٰي 4

3. سوره بقره 152

4. سوره آل عمران 31

5. سوره بقره 154

6. موطا امام محمد صہ 104

7. سوره حديد 27

8. هي آيت سڳوري هيٺ ڏنل حديث پاڪ جو مضبوط بنياد آهي. حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن ارشاد فرمايو تہ: "جنهن کي مسلمان سٺو سمجهن اهو عمل الله تعاليٰ کي بہ پسند آهي"(موطا امام محمد صہ 104)

9. سوره حديد 27

10. سوره بقره 125

11. مرقات شرح مشڪوات باب المواقيت فصل ثاني ج 2 صہ 124. شرح معاني الآثار ج 1 صہ 120

12. بخاري شريف ج 2 لاهور صہ 836

13. بخاري شريف ج 2 صہ 836

14. بخاري شريف"لاهور صہ 836

15. بخاري شريف لاهور صہ 836

16. بخاري شريف لاهور صہ 836

17. سوره بقره 158

18. سوره بقره 184

19. بخاري شريف لاهور ج 3 صـ 723

20. مسلم شريف ج 6 صـ [illegible] كراچي

21. بخاري شريف ج 1 صـ 586

22. بخاري شريف ج 1 صـ 501 لاهور. مسلم شريف ج 1 صـ [illegible]

23. مسلم شريف ج 1 صـ [illegible] كراچي

24. ترمذي شريف ج 2 صـ [illegible] كراچي

25. مسلم شريف ج 1 صـ 31 [illegible]

26. بخاري شريف ج 2 صـ [illegible]

27. ترمذي شريف، ابو داؤد شريف. ترمذي شريف نسائي بخاري ج1صـ749

28. بخاري شريف ج 2 صـ 1097

29. مدارج النبوه ج 2 صـ [illegible]

30. سوره كهف: 21

31. سوره انفال مثلاً 38

سوره اسراء: 17 سوره آل عمران: 137

سوره احزاب: 62 سوره حجر: 13

سوره كهف: 55 سوره نسآء 26

سوره احزاب: 38 سوره فاطر 13:43

سوره غافر: 85 سوره فتح: 23

32. كتاب الاقتضاء صـ 67

33. مسلم شریف دهلي ج 1 صـ 327. مشکوٰت شریف کراچي صـ33

34. مسلم شریف ج 6 صـ 286

35. سوره فاتحہ: 5-7

36. سوره فصلت: 24 سوره نسآء: 79

سوره قصص:84 سوره شوري: 23

سوره آل عمران: 120 سوره الانعام: 160

سوره نسآء: 40، سوره بقره: 245

37. سوره قلم: 21، سوره معارج: 21

سوره عاديات: 8، سوره بقره: 184

سوره نسآء: 149

38. سوره يٰسين: 12

39. سوره بينة: 7 سوره مریم: 96 سوره طٰہٰ: 75

سوره انبيآء: 94 سوره روم: 44

سوره سبا: 11 سوره جاثيہ: 15

سوره تغابن: 9. سوره طلاق: 11

40. سوره غافر: 40

41. سوره بقره: 207، 265

سوره نساء: 114

42. سوره ضحيٰ: 5

43. بخاري شریف لاهور ج 1 صـ 101

44. عيني ج 1 صـ 368

45. سوره حجرات: 12

46. سوره بقره: 117، سوره انعام : 101

47.

المنجد. فیروز اللغات، المعجم الاعظم

48. ایضاً صـ 146 المنجد، فیروز اللغات، المعجم الاعظم

49. سوره کهف: 70 سوره طٰهٰ: 113

سوره طلاق: 1. سوره انبیآء: 2

سوره شعرآء 5

50. سوره حدید: 27 - سوره بقره: 117

سوره انعام : 101 - سوره احقاف: 9

51. سوره مؤمنون: 14

52. بخاري شریف ج 2 صـ 1080

53. مشکوٰت شریف ج 1 صـ 69 بحوالہ مسلم شریف

54. مشکوٰت ج 1 صـ 242 بحوالہ مسند احمد.

ابوداؤد. ترمذي، شریف. سنن ابن ماجہ

55. بخاري شریف ج 1 صـ 371، مسلم شریف ج 2 صـ 77

مشکوٰت کتاب الایمان باب الاعتصام بالکتاب والسنۃ

56. سوره نساء: 43

57. سوره نساء: 43

58. سوره بقره: 260

59. الطبقات الکبری. تاریخ خمیس ج 2 صـ 35

60. مسلم شریف کتاب المساجد صـ 107

61. سوره بقره: 129، 151، سوره آل عمران: 164. سوره جمعۃ: 2

.62 سوره انشراح: 4

.63 مشکوٰت کتاب الاطعمۃ باب آداب الطعام فصل دوم

.64 مشکوٰت شریف صہ 70 بحوالہ دار قطني، کتاب الایمان

باب الاعتصام بالکتاب والسنۃ.

.65 سوره مائده: 101

.66 ترمذي شریف ج 1 صہ 401 مسلم شریف ج 3 صہ 403

.67 سوره نحل:117

.68 بخاري شریف باب فضل من قام رمضان

.69 مشکوٰت شریف باب قیام رمضان

.70 مشکوٰت شریف باب الاعتصام

.71 عبدالحق حقاني'عقائد الاسلام'مطبوع دهلي(مولف سنہ 1292ھ صٓ

ب)

.72 ایضًا صہ 133

.73 ایضًا صہ 134

.74 ایضًا صہ 134

.75 صہ 134

.76 شاطبي: کتاب الاعتصام

.77 اتحاف الساده المتقین للزبیدي بیروت

ج 8 صہ 539. کشف الخفا للعجلوني ج 1 صہ 495

.78 سوره بقره: 201

.79 شمائل ترمذي شریف لاهور صہ 9

80. احمد بن محمد بن صديق الغماري الحسني پنهنجي كتاب "مطابقته الاختراعات العصريته لما اخبر بـ سيّد البريته" ۾ حديث جي كتابن مان كيترين ئي نين پيدا ٿيندڙ شين ۽ بدعتن جو ذڪر ڪيو آهي، انهي كتاب جو ترجمو مولانا احمد ميان بركاتي "اسلام ۽ عصري ايجادات" جي عنوان سان ڪيو آهي (مطبوع لاهور سنه 1980ع)

81. سوره آل عمران: 31

82. سوره نساء: 89، سوره آل عمران: 28، 139، 144، سوره مائده: 151، سوره عنكبوت: 41، سوره ممتحنه: 1

83. سنن نسائي ج 2 صـ 274

84. مسلم شريف ج 2 صـ 259

85. بخاري شريف ج 2 صـ 875

ابوداؤد شريف ج 1 صـ 122 مسلم شريف ج 1 صـ 129

86. سوره احزاب: 33

87. سوره احزاب: 33

88. سوره نور: 31

89. سوره نور: 31

90. سوره احزاب: 59

91. سوره نور: 31

92. ٽالسٽائي: پيغمبر اسلام لاهور سنه 1920ع صـ 44

93. طبقات ابن سعد ج 8 صـ 49

94. سوره اسراء 27، 26 سوره اعراف: 31

سوره انعام: 141

95. بخاري شريف ج 2 صـ 804

96. ترمذي شريف صـ 396

97. مسند احمد حنبل

98. نسائي شريف

99. سوره هود: 6

100. بخاري شريف ج 2 صـ 784

101. سيرت بن هشام ج 2 صـ 274

102. مسلم شريف ج 2 صـ 201 سنن ابوداثود ج 2 صـ 217

103. بخاري شريف ج 2 صـ 880 104. سنن نسائي ج 2 صـ 256

105. جامع ترمذي صـ 369، ابن ماجه صـ 268، سنن ابو داثود ج 2 صـ 217

106. سوره مريم: 15

107. ابن اثير' اسدالغابه ج 1 صـ 21، 22

108. مكتوبات امام رباني دفتر 3 مكتوب 106

109. مشكوٰت' كتاب الادب باب بيان والشعر حديث نمبر 2

110. ايضًا حديث نمبر 5

111. ايضًا حديث نمبر 10 112. ايضاً حديث نمبر 9

113. ابن كثير' ميلاد مصطفيٰ صـ 29، 30

114. عبدالحق محدث دهلوي' مدارج النبوت ج 2 صـ 440

115. سوره صٰفٰت: 1

116. عبدالحق محدث دهلوي: اخبار الاخيار اردو صـ 624

117. مشڪوٰت. ڪتاب الصلوٰت. باب الذڪر بعد الصلوٰت فصل نمبر 2 حديث نمبر 1

118. ايضـًا باب صفة الصلوٰت حديث نمبر 10

119. ايضـًا ڪتاب الدعوات فصل نمبر 2 حديث نمبر 23

120. ابن ماجه. باب رفع اليدين في الدعاء صه 284

بخاري. ڪتاب الدعوات. باب رفع اليدين في الدعاء ج 2 صه 938

121. سوره انعام: 119

122. ابن ماجه. ڪتاب الفتن. باب السواد الاعظم صه 383. مشڪوٰت شريف. ج 1 صه 84

123. سوره نسآء: 11

124. سوره فاتحه: 5

125. سوره يسين: 3

126. سوره انعام: 153

127. سوره زخرف: 43

128. سوره شوريٰ: 52

129. سوره نور: 46

130. سوره حج: 54

131. سوره نحل: 121

132. سوره نساء: 94

★★★★★★

خير سان پورو ٿيو

بتاريخ 8 رمضان المبارڪ سنه 1420هه

17 ڊسمبر سنه 1999ع بروز جمعة المبارڪ صبح 9 بجي

فقط يادگار

فقير عبدالرزاق مهراڻ سڪندري

خطيب جامع مسجد پوليس لائين سانگهڙ



سلسلہ نمبر 11

# نيون نيون ڳالهيون


پروفيسر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد

ايم . اي. پي.ايڇ.ڊي


سنڌيڪار


حافظ عبدالرّزاق مهراڻ سڪندري



شرڪت اسلاميہ

مسلم منزل. حميد پوره ڪالوني نمبر 1. ميرپورخاص (سنڌ)

اسلامي جمهوريہ پاڪستان (1422ھ / 2001ع)

Shirkat-e-Islamia, Mirpurkhas
شرکت اسلامیہ میرپورخاص